Bed

سراپيل يگ

منوهر بيدي
ڪرشنلال ٻجاج "پرديپ"

سراپيل يگ

رچناڪار:

منوهر ٻيدي

ڪرشنلال ٻجاج "پرديپ"

ساهتيه پبليڪيشن، الهاسنگر - 421001.

نئين ڪوتا جي مختصر روپ ريکا

نئين ڪوتا، ڪوتا - شڪتيءَ جو هڪ بهترين مثال آهي ۽ شايد ڪوتا - شڪتي ئي نئين ڪوتا جي تز ۽ مختصر ٿيڻ پرڀاشا آهي. ان لحاظ کان نئين ڪوتا جي رچناڪار کي Insticitivily - پرڀوجي جنم - جات مول - پرورتيءَ کان ئي، ڪوتا - شڪتي هئڻ لازم بلڪ شدد ضروري آهي. جهڙيءَ طرح هڪ ٻت - شڪتي لاءِ ٻت جو نئين ٿو سلو گوارا ڪرڻ به ممڪن ناهي، تيئن ان طرح هڪ خالص نئون ڪوي پرڀوجي نئين ڪوتا ۾ جتي به ڪوتائي کي ذرا به سر آڀارئيندو محسوس ڪندو، انهي جو انهي ضرب هڻي نيست نابود ڪري ڇڏيندس.

ڪوتائي سکي سگهجي ٿي، سنڪاري سگهجي ٿي ۽ ان جي مشق پڻ ڪرائي سگهجي ٿي پر نئين ڪوتا جي سلسلي ۾ سکڻ، سنڪارڻ، اڀياس ڪرڻ ممڪن ناهي. نئين ڪوتا جو واسطو سڀاءَ سان آهي، سوڳم يا چند الڪار سان نه.

هو نئين نه مان جيڪو پنهنجڪ ڇڏي ڏيان نه جيڪي شخص نئين ڪوتا به لکن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ دوها، سورٺا، غزل، نظم، گيت وغيره به لکي ٿا وڃن آهي پونگي آهن پر انهن لاءِ چوان ٿو نه ڏنها ۾ کيترائي شخص Split شخصيت وارا ٿيندا آهن جيڪي هڪ هٿي کان بلڪل آئٽر ٻن يا ان کان وڌيڪ پرورتين سان به هڪ جيتريءَ وفاداريءَ سان نڀائي سگهندا آهن.

سهڪار پبليڪيشن جو ستون پستڪ

سراپيل يڪم (ننڍين ڪوتائن جو سنگرهه)

رچناڪار : منوهر ٻيدي،
ڪرشنلال ٻجاج "پرديپ"

ڀومڪا : ايم. ڪمل

پرڪاشڪا : شريمتي سشما ٻيدي،
سهڪار پبليڪيشن،
378/5، او. ٽي. سيڪشن،
الهاسنگر-421001.

پرنٽر : شري ماڌوداس آچرا،
شري گيتا پرنٽنگ پريس،
الهاسنگر- 421003
فون : 71016

پرڪاشن : نومبر 1991

ڇاپو : پهريون

حق واسطا : پرڪاشڪا جي اڌين

قيمت : ٢٠ روپيه

ڪرشن ۽ منوهر جو سراپيل ڳيت

ساگر ۾ قطري جو وجود ڪونهي. ان جو روپ، رنگ ڪونهي. اگر، قطري کي، پنهنجي نج روپ ۽ رنگ کي ڏسڻو آهي ۽ نکارڻو آهي، ته کيس ساگر کان الڳ، ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي تمام قوت سان، پنهنجي ذاتي روپ ۽ رنگ سان، پنهنجي سڃاڻپ ڏيڻي پوندي. هن انساني ساگر ۾ - هر فنڪار، انهيءَ لاءِ ئي پاڻ پتوڙي ٿو. اها فنڪار جي تڙپ آهي. هن جي اندر جي تقاضا، آهي - جا سندس، ٻاهرين حالتن سان ٽڪر ۾ آهي. اندڪار، جنگ جو ميدان آهي. سندس زندگي، جنگ، جنگ ۽ جنگ آهي. هنلاءِ حالتن سان سمجهوتو ڪرڻ، خود کي نگرڻ آهي. ۽ خود کي نگرڻ سندس مجبوري آهي. مجبوريءَ هيٺان دٻجڻ ۽ خاموش دٻجي رهڻ، پاڻ سان ڌوکو آهي. هو اندر ئي اندر، ٻي جنگ جوٽي ٿو - خود پاڻ سان. فنڪار ساڳئي ئي وقت ڪيترن ئي سرحدن کي ڪوسو رکندو، سرد ٿي وڃي ٿو. فنڪار جي انهيءَ هار ۽ جيت، انساني شعور کي پلٽي ۽ جذبات کي گهرائي بخشي آهي. ۽ انهن سندس اونداهون وجود، نور ئي نور ٿهلائيندو رهيو آهي.

خود کي فنڪار سمجهندڙ يا سڏائيندڙ نور ٿهلائي ٿو، انهيءَ دعوا کي، اکيون ٻوري، اکين ئي ڪرڻ

آهي هڪ ئي وقت، هڪ ئي سنگ ۾ اچن ۽ انهن ڪوتا لکي سگهن ٿا.

وچار - پکش

نئين ڪوتا جي وچار پکش جو بنياد اَن - ايشوروادي هستيواد آهي جنهنجون مکيه نشانيون آهن وسنگتي، وياڪلتا، سنڪوچ، اهم، ڊپ، اَلڳاءُ، ڀوڳ (سيڪس)، حقيقت نگاري. ان ۾ بيباڪي لازم آهي.

نئين ڪوتا ۾ هڪ اهڙي انسان جي استاپنا ٿئي ٿي جيڪو عام آهي، ڪوڪلو آهي ۽ خصيص آهي. نئين ڪوتا جا نائڪ نائڪائون لگھو مانو آهن.

نئين ڪوتا جدت جي فلسفي جي حامي آهي. جدت يعني: اولھ ڏانهن نظر، ڌرم نرپيڪشتا، انتر راشٽريه رچي، شهريڪرڻ، روايت - هڪمي، وگيانڪ نظر، وڏيءَ عمر ۾ شادي، اخلاق جا نوان قدر ۽ ماپا، ورجنائن کان مڪتي ۽ دکھ - نراشا واري انتر ڌارا!

ڪلا پکش

نئين ڪوتا هڪ ئي معنيٰ ڏيندڙ انيڪ لفظن مان اُن لفظ جي چونڊ جي تقاضا ڪري ٿي. لوڪ ڀاشا جو ڀرپور پلس پروانگت آهي.

امبز (بمب) جو ڀرپور، پرتيڪ، ڇندن کان مڪتي، سخت ۽ چڀندڙ ڀاشا نئين ڪوتا جي ڪلا جون مکيه وصفون آهن.

23-10-91

منوهر بيدي

اڄ جي نئين شاعري، پنهنجو خانو بدلائي چڪي آهي. ان کي سمجهڻ، ان جي عظمت ۽ شان کي پرکڻ لاءِ، ان مان آنند وٺڻ لاءِ، ماپا به ڦيرڻا پوندا

ڪالهه جا وال - سير - گهلن - بي معنيٰ نه سهي، پر بيڪار ضرور آهن. هونئن به، ذاتي پسندي يا ناپسندي (نئين يا پراڻي ماپي جي حوالي ۾) ادبي معيار ٿي نٿي سگهي، جيئن اسان جا هڪ ٻه نقاد سمجهي ويٺا آهن.

اڄ جي زندگي، ڪالهه جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ منجهيل، وڌوڪڙ - ڀيڙه واري ۽ رونقدار آهي.

انسان، خوشيءَ ۽ عشرت جي سامان سان گڏوگڏ، تباهي آڻيندڙ هٿيارن کي ميسر ڪيو آهي. اڄ پوءِ انساني وجود جي هڪ ڪنڊ، دائما والاري ويٺو آهي. اڄ فنڪار کي مجموعي انسان جو درد دل ۾ چڀي ٿو. انسان، اڪيلو، اونداهي ٻڳي ۾ ٽڪي رهي نٿي سگهيو. ۽ اڄ اٽڪل ٻگهه ۾ ٽڪي رهي نٿو سگهي. هو ميڙ ۾ بيٺو آهي جتي سندس ڇهوڙ ڪوهيل آهي. هو ميڙ کي ڇڏي نٿو سگهي ۽ ميڙ ۾ دل ۽ جان سان، پاڻ سمائي ٿي نٿو سگهي. هتي سندس آلم ڊبو پيو آهي. هو ميڙ ۾ هوندي به، ان کان الڳ آهي. خارجي زور ۽ اندر جي تقاضائن، ڪيس پاڻ ۾ ونڊي رکيو آهي. هر قدم تي، هو پاڻ کان وڇڙندو ٿو رهي، ان ولب ۾، هـو

سمجهي ڪونهي - پرک ضروري آهي.

هر دؤر، پنهنجي قسم جا فنڪار ڏنا آهن. هر ديس ۾، هر قوم ۾، جا سڃاڻ آهي - جنهن کي اتهاس آهي، فنڪار پيدا ٿيا آهن. اسان جي سنڌي قوم جي سڃاڻپ انهيءَ مان پکي ٿي. اڄ اسان جا فنڪار هر ڪلا کيتر ۾، نکرو نکرو اڀري رهيا آهن، گرچ سندن پهچ اڃا، ڪنهن ڪٿي نهارڻ جي ڪڙيءَ تائين ڪين رسي آهي.

هتي به نوجوان فنڪار، انساني ساگر کان الڳ ٿي، پنهنجي واقفيت ڏيڻ لاءِ پيش ٿيا آهن. سندن فن آهي شاعري.

جي صاحب شعر کي خاص روپ جي قيد ۾ بند ڏسڻ جا عادي آهن، محبت جي سطحي جذبات جي اظهار ۾ چند سهڻن لفظن جي دهراءَ تي گهورجي ويندڙ آهن، يا ڪنهن ڪوڪلي آدرش يا نصيحتن کي رديف ۽ قافين ۾ ڳائڻ ۽ ٻڌڻ جا شوقين آهن، يا ڪنهن واد جي پرچار ۽ بلند نعري بازيءَ تي هريل آهن، يا صرف لئه ۽ تال جي جهنڪارن ۾ چڙهڻ جي مقصد سان شعر پڙهن ٿا، انهن صاحبن کي هي ڪتاب پڙهندي نه صرف نراسائي ٿيندي، پر غصو به لڳندو. ممڪن آ، ڪين هي شاعري ئي نه لڳي - ان ڪري، اڄ جي نئين شاعريءَ تي به اکر عرض ڪرڻ بي موقعي نه ٿيندا.

ڪالهه جي شاعر جي ڀيٽ ۾، اڄ جي شاعر جو شعري تجربو مختلف، گهڻو پيچيدو، گهرو ۽ ڏکيائيءَ وارو آهي. ان ڪري سندس انساني بنيادي احساسن جو اظهار، روپ ۽ رنگ ۾ بدليل ۽ ڏکو آهي. اڄ جو شاعر ٻيءَ ٻولي ۽ نوليج ٿي، نه چوڻ جهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو، پاڻ تي طنز ڪري ٿو، قياس ڪائي ٿو، ۽ پاڻ کي ننگو ڪرڻ کان (Expose) به نٿو ڪسي. سچ، اُگهاڙن لفظن ۾ "ٻڪي" ٿو، ميناج کان زهر جو ڪم وٺي ٿو. نفرت ۽ پيار ۾ واسنا (Sex) کي تسليم ڪري ٿو. جنگ کي هر حالت ۾ نفرت سان ڏسي ٿو. ڌرم، سياست هن لاءِ قيدا آهن. هن وقت پنهنجا غيبي مسئلا آهن. اڄ جو شاعر انتها درجي جو داخليت-پرست آهي.

نئون شاعر- استعاري يا اڪري سونهن جو عاشق ڪونهي - هيئي بيجان هئيت پرستي جو به قائل ڪونهي. هن وقت مقصدي ادب به ڪونهي. هن لاءِ گهڻائي عقيدا، جي جذباتي سهاري جو ڪم ڏيندا هئا، ٽٽي چڪا آهن. هو دل کان وڌيڪ دماغ ۾ پوي ٿو. سندس شعري تجربي جي اظهار ۾، چيتنا جي ڌارا (Stream of Consciousness) جو اوائڙو پوي ٿو. هو اميج (Image) ۽ علامت جو استعمال ڪري ٿو. (علامت، استعار جي ظاهري صورت سان نه- پر ان جي تمام

زندگيءَ کي بي معنيٰ، هڪ روڳ، هڪ ڇسپاڻي، پيڙائيندڙ ڏهراءَ جو مجموعو- تسليم ڪري ٿو.

اندران - هو پاڻ کان وڇڙيل آهي.

ٻاهران - سماجڪ ليکن کي هو ٻنڌن ٿو سمجهي.

سڄي ڪائنات ۾ هڪ ٽيڄ آهي.

روحاني آنند، يا ڌرمي ويسه - يا ڪنهن غيبي ٻل کان آفيم جيان ڪا گهڙي آرام ضرور ملهس ٿو. پــر هي سڀ ڏيڍ پا علاج ڪوڙهي. انهن حالتن ۾- هن کي خـــوشي حاصل ڪرڻ لاءِ، زندگيءَ کـــي معنيٰ دار (Meaning ful) ٻڻائڻ لاءِ چـا ڪرڻ گهرجي؟ هتي اچي سندس ادبي عمل مان، سندس ذهني رڳي جو پتو پوي ٿو ۽ سندس ادبي مجموعي ڪردار ڪلي ٿو. ۽ اسين سندس ذهني رڳي مان، سندس نئين ٻـــا پراڻي هئڻ جو احساس ڪڍون ٿا.

نئون ذهن ١- هر قبول پيل انساني وشتي جـي سرحدن لي بغاوت ڪڙي ڪري ٿو.

٢- ماضيءَ جا هر قدر، ماڀا نوڙي ٿو.

٣- پاڻ تي ڪي ٻـــ. ٻڌن تسليم نٿو ڪري.

٤- ٻڌهجي "اندر" جي حڪم جـــي پيروي ڪندي، جيئڻ پسند ڪري ٿو.

جي مٿين جذبن سان وابسطه پئي رهيا آهن انهن کان بلڪل مختلف جذبن ۽ احساسن کي جاڳائڻ جو جتن ڪيو وڃي ٿو ۽ جيسين انهن جي ڪم جي سرانجامي‌ءَ کي، انهن شعري تجربي جي پس منظر ۾ ڏٺو نه ويو آهي، تيسين شاعر جي اندروني، جذباتي ۽ ذهني حالتن کان، روشناس ٿي نه سگهبو.

هو- ڪڏهن ڪڏهن، مونجهاري ۽ اڻچٽائي‌ءَ جو ڪارڻ خود شاعر به، ٿئي ٿو- جڏهن، سندس شعري تجربي ۽ اظهار جي وچ ۾ ڏکيائي وڌي وڃي ٿي. اميج جو پيش ڪري ٿو، سو سندس شخصي احساس جو خلقيل آهي. اظهار ۾، سندس ٻولي‌ءَ سان هڪ کان گهڻا- مختلف مطلب نڪرن ٿا. پيش ٿيل اميج جو ڪو جوڙ به ٻئي مرڪزي خيال سان نٿو ملي، يا شاعر اکرن جي ڦهلاءَ مان ڪو خيال ڳولي ٿو-*

مونجهاري ۽ اڻچٽائي ڪري شعر لئي ناڪاميابي‌ءَ جو الزام اچي وڃي ٿو- گوڇ شعر جي ناڪاميابي‌ءَ جا ٻيا ڪارڻ آهن - جيئن- اڌورو شعري تجربو- زبان جي ڪچائي- جذباتي ۽ ذهني گرمائش ۾ ڪمي، سوچ جو تنگ دائرو- ظاهر پرستي- يا فيشن پرستي- وغيره- بهرحال- ڪامياب ڪوتائون- ناڪامياب ڪوتائن کان سدائين گهٽ رهيون آهن.

---

* (تفصيل سان مونجهارن لئي بحث لاءِ ڏسو: Empson جو ڪتاب "Seven types of ambiguity".)

رشتن جي ترجمان آهي. علامت استعاري جو اُلهاسي رول- ان جو ماحول پاڻ سان کڻي پيش ٿئي ٿي. هڪ خاص فضا کي جنم ڏئي ٿي.) اڄ جي شاعر جي ڪامياب رچنائن جي معنيٰ اکرن ذريعي نه- مگر اميج ۽ علامت جي ذريعي ملي ٿي.

نئين شعري زبان جو لاڳاپو- نئين شعري احساس سان جڙيل آهي. نئون احساس، چند سڌ پاڌل انگريزي اکرن يا هندي شبدن، کي استعمال ڪرڻ سان نٿو جاڳي- يا محض، وگيان جي کوجنائن جي بخشيل نظارن ۽ چيزن جي ذڪر ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿو.

هتي نئين شاعري کي سمجهڻ جو سوال اُڀرو ٿئي ٿو- اهو ان ڪري جو نئين شاعري سطحي معيارن سان پرکي نٿي سگهجي ۽ پڙهندڙ پنهنجي ليکي ۾ ڪا ذهني ڪوشش نٿو ڪري (ڇاڪاڻ هو هيل تائين روايتي شاعريءَ پڙهڻ جي هريل آهي).

نئين احساس جي شعري اڄواسي جي اظهار لاءِ، جي اميج، يا علامتون، جن جي وسيلي نئون شاعر پنهنجي اندروني حالت جو بيان ڪرڻ چاهي ٿو، انهن ۾ پيش ڪيل نظارا- يا ڪردار- جي الهاس- يا ڏند ڪٿائن، يا ڌرم سان واسطو آهن- اُهي نون رشتن ۾ نئين سطح تي، جيڪو ڪرداري رول ادا ڪن ٿا، سو بنهه مختلف آهي. اهڙيءَ ريت، ڪي نظارا- يا شيون

سهي، سنڌس باشعور هئڻ جو نشان ڏئي ٿي، پر جڏهن هي صاحب، پنهنجي تمام ذهني سوجهه بوجهه، تخليقي ۽ تنقيدي قوت سان، پنهنجي ڪل جذباتي سرمائي سان، شعري دنيا ۾ اُتري ٿو، تڏهن سنڌس روپ - سنڌس شخصيت غور جي قابل آهي - (اسين - ۽ تاجمحل) "اسين" ۾ بلڪل بي رحميءَ سان پاڻ تي وسيو آهي - ۽ نئين شاعريءَ جي چند اهم تقاضائن کي پورو ڪري ٿو. هتي انسان - Dehumanised ٿي پيش اچي ٿو - ۽ شاعر جي اندروني - پيچيدا تجربي - سوچ جا ڪئين پهلو اُجاگر ڪري ٿو - اهي اکرن مان نه - هڪ نئين گهڙيل اميج کان ملن ٿا - "تاجمحل" ۾ هن ان تمام پونگي سونهن کي ڪنو آهي - هتي سنڌس لهجو، بلند آواز ۾ پڌجي ٿو - (جا سنڌس شخصيت جو حصو ڪونهي) تمام تشبيهون، ڪروڙي مالڪ آڏو سر جهڪائي بيٺيون آهن - هن مان شايد ڪن کي ترقي پسند دور جي بوءِ اچي - پر هن ڪوتا کي - سنڌس ٻين ڪوتائن جي پس منظر ۾ ڏسجي ته اهو وهم مٽجي ٿو وڃي - صرف هڪ ڪرامت جو نمونو - جو بخوبيءَ سان اُبرال نظر اچڻ لڳي ٿو.

پرديپ اجا پاڻ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ۾ آهي - پاڻ ڳولهي بيٺي - پوءِ هن کي چڱيءَ طرح ڏسبو - سون کي ان جو اوسيڙو رهندو.

هاڻي اچو ته ٻن نوجوان شاعرن - پرديپ ۽ ٻيديءَ جون ڪاميابيون ۽ ناڪاميابيون جاچيون.

ٻئي شاعر، نئين شاعريءَ جا قائل آهن - ٻنهي وٽ حساس دل ۽ انتخابي ذهن آهي، ٻئي پنهنجي الهاسي ۽ تهذيبي مقام کان باخبر آهن - ٻئي ڪٿان نه ڪٿان، پنهنجي ٻوليءَ جي ليکڪن يا ٻئي زبان جي اديبن کان متاثر ٿين ٿا - انهن جو نقل نٿا ڪن - ٻين جي تجربن جي جوت به نٿا چٽين - ۽ ٻئي خود کي "مهان" نٿا سمجهن (اڄ سنڌيءَ ۾ هڪ شعر لکندڙ پاڻ کي عظيم ۽ ٻيو شعر لکي پاڻ کي عظيم تر سمجهي ٿو.)

پرديپ صاحب، جاڳي ٿو- سندس چهرو ڪومل آهي، پر انسان کان جڏهن انسانيت الڳ ٿي وڃي ٿي ته چهري جو وڃڻ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو- پوءِ به ان جو غم آهي - هئڻ به گهرجي - انفراديت جي پڇاڻ لاءِ پيو ڇا رهيو آهي؟ خوف سندس پيڇو نٿو ڇڏي (هي انڌڪار) خوف، باشعور ذهن ۾ پنهنجو پاڇو ڪرائي ٿو- ۽ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ نمايان ٿئي ٿو- هي صاحب هر ڪلا جي جوهر (Essence) جو قائل آهي (معني ڪوهتائون). پرديپ مهاڀارت جي نظارن کي علامتي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر هو انهن کي شعري استعمال ڪرڻ ۾ پورو ڪامياب نٿو وڃي - (اوسيئڙو) پر سندس ڪوشش، ناڪامياب

کيس ڪل آهي. انساني چرتر کي منو وگيان جي سطح تي سمجهڻ - الهاسي ۽ تهذيبي سرمائي سان ڳنڍي ان کي کولڻ، اهو سڀ هن وٽ آهي. ڪراهت سان ۽ بي ڏپو يا نراڄ تي سچ چوڻ جي جرئت ۽ ڏانءُ هن وٽ موجود آهي.

هن نوجوان شاعر نئين شاعريءَ جي گهٽڻ ٻهلڻ کي، ٻڌو ٻي جاتو آهي - ان ۾ شڪ جي گنجائش ڪانهي.

"ڌرتراشٽر" - هڪ "زندگي سچائي" پڙهي، اسانجا ڪي ذهين بزرگ گوڙي ڪري - شايد منهن ۾ ڏوڙن - پر ادب مان هي وڇڙائون ڏوڙي نه سگهندا.

هن جي قريب هي ٻگ "بي حاصلات" جو ٻگ آهي. لڪ لڪاءُ ڇا جو - دوست کان ڇا - خود پنهنجي پت ۽ پتنيءَ کان پڻ - هن کي سڌ آهي، پاپ - گند - روڳ - انساني ذهن ۾ ٻرلو پيو آهي. "ڪراهت" کي اپارڻ لاءِ هن وٽ بيمارين جو تصور آهي - ناسور - سوزاڪ - جن جو هي شعري استعمال ڪري ٿو ۽ اهي علامت ٿي ڪم اچن ٿا. ان گند روڳ ۽ انڌ هوندي به سندس دل جو ڪجهه ذرو ان کان الڳ آهي. اهو صاف، اوجل حصو - باقي خرابيءَ سان ڀريل حصي تي غم ڪري ٿو (مايا جال) ڪٿي ڪٿي سندس لفظ زيبڪاري (Decorative) لڳن ٿا ۽ سندس زبان جو استعمال به ڪجهه اهڙي قسم جو لڳي ٿو - ڪٿي پنهنجي اڌوري

بيدل جو فڪري دائرو، پرديپ کان سرس آهي.
سندس ادبي ڪلام ۾ ذهني ۽ جذباتي زور جو پڻ
احساس ٿئي ٿو- ڪلاسيڪل ادب جو، (هندي)
مٿس پرڀاءُ گهڻو آهي، ان ڪري پنهنجن احساسن کي
شعري ٻاڻيءَ ۾ سمائڻ لاءِ، سندس سڄي شعور ۽ جذبات
جو لاڙو انهيءَ ڏانهن ٿو وڃي ٿو- چاڪاڻ ته هو هندي
ڀاشا وسيلي ئي اتان پرڀاوت ٿيو آهي، ان ڪري،
پنهنجي شعري احساسن کي ان ئي ڀاشا ۾ محسوس
ڪري ٿو ۽ ماڻي ٿو- ۽ جڏهن انهن کي پنهنجي مادري
ٻوليءَ ۾ اتاري ٿو، ته ائين لڳي ٿو، ته پنهنجي ٻوليءَ
جي وسعت ۾ هن کي شڪ آهي يا ان کي چڱيءَ
طرح ڪولڻ ۽ گهڙڻ جي تڪليف نٿو وٺي، ان ڪري
سندس عبارت ۾ هڪ قسم جي کهراڻ (Roughness)
جو احساس ٿئي ٿو- ۽ لڳي ٿو ته جڻ هو هنديءَ جو
"ڪچو ترجمو" ڪري رهيو آهي. عبارت ۾ کهراڻ جو
احساس مون کي سڀني شاعرن ۽ ليکڪن وٽ/۾ به نظر
اچي ٿو- شايد، پنهنجي ٻولي نه هئڻ ڪري، ان کان
سنڌي اديب بچي نٿو سگهي. بيدل صاحب ڪٿي
ڪٿي رسمي ڀاوت، انگريزي اکرن جي استعمال ڪئي،
فقط طور ڪم آڻي ٿو- هتي دوکو کائي ٿو- هيءَ
نواڻ جي نشاني نه آهي- هونئن بيدل وٽ نئون
ذهن آهي. هو ڪٿي ۽ ڪيئن بيٺو آهي- تنهنجي ٻ

شايد مان حد کان وڌيڪ تقاضائون ڪري رهيو آهيان، هنن نوجوانن کان - اسان جا ڪيترا "بزرگ" شاعر اهڙي ڪڙيءَ تي پهچي سگهيا آهن؟ - مان شايد، پنهنجي موضوع کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان. نيڪ آ -

مان ٻاهر نڪري رهيو آهيان - توهين در بند ڪيو - ۽ ڪتاب کوليو.

ايم. ڪمل
بلاڪ سي 540،
الهاسنگر - 4.
12-1-1974

Printed by : Shri Madhawdas Achhra at Shree Geeta Printing Press, Sindhunagar - 421 003.
Phone : 71016.
Published by : Smt. Sushama M. Bedi, For Sahakar Publication, Bk. 378 / 5, O. T. Section, Ulhasnagar - 421 001.

شعري تجربي کي شبدن جي ”پول پلٽي“ ۾ پيڪڻ جي
ڪوشش ڪري ٿو. (اپڪتا).

جڏهن هي صاحب، پنهنجي مادري زبان سان قربت اندو تڏهن سندس شاعريءَ جي عظمت جي جهلڪ ڪان، ڪو اڪيون پوري به ٻڌي نه سگهندو. هن کي حسن چيزون ڏنيون آهن پوء به ٻئي نوجوان شاعر Full Sense ۾ اڃا نوان ناهن. انهيءَ ڏس ۾ هلي رهيا آهن. اج جي بدليل صورت سندن اميج ۾ آئي ٿي، مگر سندن Conscious جو مکيه حصو نٿي واري. هو جڏهن به ڪنهن ٿي طنز، يا افسوس ڪن ٿا، يا خوشي يا افسوس جو اظهار ڪن ٿا، تڏهن، (١) اظهار جو واهڻ وري به ڪالهه جي ٿهيل ٺڪيل زبان ۾ ڪن ٿا. (٢) زبان جي آرائش وڏيڪ اپري اچي ٿي ۽ مصنوعي لڳي ٿي. (٣) سندن رخ وري به ڪالهه جي قدر ۽ قيمت ڏانهن مڙي ٿو. (٤) اج جي انساني مونجهاري، پيڙا ۽ پل ڪان آشنا ضرور آهن، پر انهن جو منو وگياني ڇيد مان جي نتيجا ڪڍن ٿا. انهن کي ڪالهه ۽ سياڻي جي وچ آڻي، اج جي روشنيءَ ۾ نئون جي تجربي جي ذهني ڪرمي، هن ۾ اڃا نه آسري آهي، هن شعري تجربي جي نئين سرحد جو ٿلهو اشارو ڏنو آهي، اٿي نشان - پيدي نه ڪئي آهي، پنهنجي زبان جي قوت ڪان پل نه ڇڪيو آهي - پر

فهرست

١. ڪوٺ - وڙ
٢. ڪلي
٣. ڏوم - پالڻ
٤. بنگال
٥. اڃ - عدوان
٦. ونشيا
٧. ماڻا چار
٨. ونت - يانرا
٩. هڪ سلسلو
١٠. شهيد
١١. وصيعت
١٢. پوسٽ آفيس
١٣. ڏراواشٽر
١٤. هڪ ننگي سچائي
١٥. زندگيءَ جي موت تي
١٦. هڪ ودوان کي جواب
١٧. ايڪتا
١٨. Stimulant
١٩. هڪ من - چيد
٢٠. پاوڪتا جو انت - اڳٺهڙپال سچ
٢١. يگوان سان هڪ دانلاگ
٢٢. لوڏي گهڙيال
٢٣. آسان
٢٤. امتحان ء

سراپيل يُگ : ۱

نئين ـ ڪوتا ـ سنگرهه

منوهر بيدي

بئرڪ نمبر 378
روم نمبر 5
او. ٽي. سيڪشن،
سمراٽ اپارٽمينٽ جي ڀرسان،
الهاس نگر ـ 1 (421 001).

١- ڪوڏ - ورڏ

سمر ڪلي وڃ!
ڪڏهن ڪليو.
سمر - سمر ڪلي وڃ!
نه ٻه نه ڪليو.
سمر - سمر - سمر ڪلي وڃ!
ٻر نه ڪليو.
در-
ٻڙ جو
غير جذباتي در.
ليڪن هڪ وقتيءَ مان
هڪ ٻاراڪ آواز سرڪي آيو:
هليو وڃ واپس
اي علي ٻابا،
پاڻ سان خالي ٿيلها کڻي.
هي در نه هاڻ آهي کلڻو
سمر سمر سمر سان
ڇو ته دنيا جي خزاني جا ٻداڳي ويا آهن
مرڪي ڪوڏ - ورڏ.

٧١-٧-٣

٢٥. هڪ ٻڍڙائي
٢٦. ٽرشُول
٢٧. نون پٿرن جي تلاش
٢٨. پشچاتاپ جي رات : ويسٽ
٢٩. ٻگهه - جيون
٣٠. ڏيءُ - ٻيءُ
٣١. سمجهه کان هراس ٿائين
٣٢. ليٿو
٣٣. ٻلي - دان
٣٣. ساٻيس
٣٥. نئو اڀرا
٣٦. هڪ ڪلب
٣٧. وڻ جي تلاش
٣٨. جؤر جي ٿمال
٣٩. ڪوڙا الزام
٤٠. ڳڳدامي چهرو
٤١. سمبڌ جو مڇوٻو
٤٢. چڪر ٻه ڪو مفاصلو
٤٣. ٻوار ٽڏا
٤٤. ٻف جي تعريف ۾
٤٥. روبٽ شاهه
٤٦. ٽڻن ڪوٺا ۽ جڏڏٽر
٤٧. ٻاطانو
٤٨. ڪاش!
٤٩. سپنا
٥٠. اتهاس جو نيم

هڪ حصو
الهت أسيم شؤنه جو.
(٧١-٧-٥)

٤- بنگال
خونين کي ملهو خون
جلادن کي جانيون
لٽيون کي مال اسباب
ڪامڻن کي گوم گوم جسم
قاتلن کي وکيلهون
دلالن کي قسمين قسمين جسون
ڪتن کي هڏيون انسان جون
هرڻين سرڻين ۽ ڪانڱن کي ماس ماس!
او ناڪو جا ديش!
او سپاش جا پراڻ!
او سونا بنگال!
تو دنيا کي ڇا ڇا نه ڏنو آ!
او بد نصيب بنگال!
توسان دنيا ڇا ڇا نه ڪيو آ!!
(٧١-٧-٦)

٥- بي - عنوان
سچ آ نه گوليءَ مان
گل ائيڻو ڪين آ

٢- ڪِلي

منهنجي نصيب ۾ ڪائي ڪلي ڪانهي
مان پنهنجي قميص ڪلهي تي کڻي
گهمندو ٿو وتان....

نظر جي قميص ٽنگڻ لئه
ڪنهن ڇوري جي ڪلي
هر ڪنهن کي
گهرجي ٿي
ضرور گهرجي ٿي
اها ضرورت آ...

(٣-٧-٧١)

٣- ڏرم- پالن

آهي سنگهرش پريو هڪ سلسلو
خون جي دريا مان ترڻو ٿو پوي
ڏيرن جي سيج تي سمهڻو ٿو پوي
۽ پوءِ نسڻو ٿو پوي
ان جو سڦلتا پوءِ نتيجو
جهڪيءَ نرمت سان
ٿڪل ديهه سان
مٺل اُتساهه سان
اداسيءَ ۽ اروچيءَ سان
۽ سڀئي هستي پڄڻي ٿي وڃي

حل :- ويشيا = جنهن کي هرڪو ڪم آڻي

ڪرسي = جنهن تي هرڪو وهي

پد = جنهن کي هرڪو پوڄي / پوڄي سگهي

ڪامن فڪٽر = هرڪو

∴ پد = ڪرسي = ويشيا

∴ پد + ڪرسي = ويشيا + ويشيا

يا ڪرسي + پد = ويشيا + ويشيا

(٧١-٧-٧)

٧- مايا جار

نس نس جي تار پل پل ٽهڪائي ٿي
ٽاپ سيڪريٽ خبرون
قتل جون، خون جون، جبر جون،
ڊبل ڪراسنگ جون
ديش رکشا جي بهاني
سياستي شطرنج ۾
ڪم آيل اڻ ڳڻپ مهرن جي
شهادت جون،
هوس جي شعله-زن ٻهڪاريءَ جون،
فريبن ۽ فراڊن جون
دماغي هيڊ ڪوارٽر ڏي....

۽ دماغ ٿيندو ٿو وڃي
ٻهپ، گنگ، روڳي،

ته به گوپيءَ کي گوپي
ٻٽائڻ جي واسطي
باغ ۾ رهي ٿي
ماليءَ جي ضرورت....
ڪجهه - به - نه مان ڪجهه - به - نه ٿي
ٿي سگهندو.
ڪجهه - به - نه - پٽي ۾ گهر اڏي نه ڪو
رهي سگهندو.
دل کان دل تائين پلي ڪا راهه هجي
پر دماغ کان دماغ تائين ته ڪو رستو ناهي
جنهن تان مان پنهنجو سوچ ٻوڙائي
تو تائين پهچائي سگهان.
انسان جا خيال
ڄڻ ڪتي جا ڳڌهه.
(٧١-٧-٧)

٦- وڻشيا

منهنجو گهر
گروهه جو در.
جنهن ۾ هر دم گهنڊ وڄن ٿا،
هڪڙا وڄن ته ٻيا اچن ٿا.
ثابت ڪريو ته:
"ڪرسي + پد = ونشيا + ونشيا"

٨- رت - ياترا

رت!
چانديءَ جو پاڻي ڇڙهيل ڦهتا،
سڙيل، ڪٽيل، زنگ ڇڙهيل
ٻر وگهيل ڪڙا ۽ ڪوڪا
پلاسٽڪ جو گهوڙو
لمحو رنڊڪ رهمي لغام!
هوا جي هندوري ۾
آهي سوار
هڪ ڇاپا مورتي،
جيڪا ٻڌهي هٿن سان اڇلندي اي وڃي
دان
تن جي سوزاڪ
من جي ناسور جو
۽ اسٽن
آفيمڻن جهان
جهومندا جهامندا
لڏندا لمندا
هلندا ڳا هلون
پولنگ ٻوٿي
هن سعا - رت جي پنيان....

(٧١-١٠-٢١)

ماس، چم سان ٺهيل
ناسور جي هڪ وڻڙي....
وڻڙيءَ کي ڪو نڪال
نہ ٿيندو ناهي
۽ پاڻ وٽ ڪٿي آهي ڳاڻ
سلجهيل ۽ ايماندار خيالن جي !
مان پاڻ کي سرو شڪتيمان سمجهندڙ
هڪ ڪبڙو انسان
اڄ سوچيان ٿو-
ڪاش، هي سنسار
هجي هڪ سپنو / هڪ مايا جال
۽ جڏهن جاڳون
هپناٽزم جي انهن ٽرانسز مان
تہ سامهون ٻئي ٻانهون کولي
سواگت ڪن اسان جو
ستارن جا رستا
بهارن جون منزلون....
وڌيڪ نہ وهڪ ۾ وهہ
چپ رهہ، خاموش رهہ
اڄ جي رئلسٽڪ سماجوادي
هن لوڪ يا پرلوڪ ۾
اهو سڀ آهي
سخت مشڪل، سخت مشڪل!
(٧١-١٠-٢١)

ڏکن ۽ سُورن جو
دردن ۽ دانهن جو ڦل
هي سلسلو،
اڙوڪ سلسلو!

(٧١-١٠-٢١)

١٠- شهيد
آڪاش ڪسمن
سبز باغن
۽ مرڪ ٽڙندڙن
جي چمڪني گلن سان سينگاريل
اميد جي ڦاهيءَ ۾
مان گردن گردن ڦاٿل آهيان.
منهنجي لاءِ ڪجهه سوچيو
مون لاءِ ڪجهه ڪيو
خبر ناهي ڪهڙي پل
وقت جي لت
جلاد جيان
تختو ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏي
۽ نا-اميديءَ جو هٿ
منهنجي گردن لمبي ڪري ڇڏي
۽ منهنجي هستي
خلا ۾ جهولندي رهي
ٽڙشڪوهه وانگر.

٩- هڪ سلسلو

ڪالهه منهنجي پتا هو چيو:

مان ته برباد ٿي چڪو آهيان
پٽ، تون ته شل شاد رهين
آباد رهين....

۽ اڄ مان ٿو چوان:

مون کي ته دنيا، پٽ! تباهه ڪيو،
تنهنجي جيون جي آرسيءَ ۾ اچي
شل نه پاڇو ڪو ڏک - درد جو
سک جي سپني جيان گذري
تنهنجي جيون جو سفر....

لڳي ٿو سڀاڻي منهنجو پٽ
پنهنجي پٽ کي چوندو:

اسان کي ته ملي هئي سورن جي لولي،
تون ٿي شل جهولين هندورن ۾ لعل!

الائي ڇو
هي دعائن جو ورثو
جو امرت جيان ٿو ڏجي
پر زهر ٿي ٿو لڳي!
لڳي ٿو خون جي قطرن سان گڏ
جيئن وڏي وڻجهي ونش جو وڻ ٿو
تيئن ٿي وڌندو ٿو وڃي

نہ تنھنجي ڀيٽ تو ڏانھن ڪھڙو فرض پاليو آ ...
وصيعت،
جا ٻيءَ جي فرض ادائيءَ جو هڪ ثبوت آهي
ان ۾ تون پنھنجي ٻيءَ جون ڪاميابيون
۽ پيار ڳولھيندين -
ٻڌ ان ۾ ڇا ملندءِ،
دعائن کان سواءِ؟
دعا،
اسان زماني جي مارئل
۽ هارائل، مار کائل
انسانن لاءِ،
پوئجي نہ سھي، پڪ پردو نہ آهي....
وصيعت،
جا ٻيءَ جي فرض ادائيءَ جو هڪ ثبوت آهي
خالي ڪانہ هوندي
ان ۾ هوندئون سڀڪجھ -
دعائون، دعائون ۽ دعائون....

(٧٢-١-١٧)

١٢- پوسٽ آفيس

تنھن خيال، تنھن سوچ جي ٽپال
سامھون ايندي ٿي
ان لي لپو لڳي ٿو وھي

غمن جي وسٽي تي
ڳوڙهن جو ڇڙڪاءُ ڪري
وسهڙيءَ جي اڳيءَ ۾
هوم ڪجو هر ڦل
منهنجيءَ مها - ياترا جو
مسان
ڇو ته
شهيدن جو شهيد آهيان.

(٧١-١١-٣٠)

١١- وصيعت

جيون وڪاس جو همت
سود ۽ بيدرد همت
جڏهن منهنجيءَ زندگيءَ جي
چادر سڙي
پرندي ڪي انمت آڪاش ۾
اڏائي ڇڏيندو
۽ منهنجي هو سنساري ڪرم ڪي
باهه جلائي
ديا ۽ سد ڀاونا جي جوڙ،
ٻوٽو. ٻڌائي ڇڪندي
پٽ ۾
ان وقت تون سوچيندين

١٣- ڌرتراشٽر

ڀرشٽاچار جي انڌڪار مان جنمئل
انياءَ ۽ سوارٿ جي ٽوون ۾
جنهنجي چرٻو جا نهڙ ڪلها
اهي ستيہ جي سُورجي ڪرڻن ۾
ڪيئن ڪئي سگهندا،
ڇا ڏسي سگهندا؟
وياس!
تنهنجي اتهاس
مون اکين - سڃي کي جي انڌو ڪوٺيو
نہ ڪجهہ ٻرو نہ ڪيو، ٺيڪ ڪيو
منهنجيءَ انڌت تي احسان ڪيو
مان ڌرتراشٽر
پنهنجي راشٽر
جي اوچ انساني قدرن ۽ قيمتن
کان منهن موڙي
جن - گڻ جي چرتر - نرماڻ کي پٺي ڏيئي
لاپرواهيءَ ۾ اکيون ٻوٽي
ولاس ۽ ڪرتوہ - ومکتا جون پٽيون چاڙهيل
گانڌاريءَ کي
ڪام انڌن جهان ٻوڙيندو رهيس
هر رات سوم - رس جا مادڪ

تاريخ جو
ٻ ان جي اهميت ٿي ٿي وڃي تاريخي
ٻڌي
ھر خيال نٿون
ھر سوچ نٿون،
آھي ھڪ ٻوٽي ٻير نٿون!
آءٌ نه زماني سان قدم ملائي هلون
ٻھون - ڏسون - لکيون - سوچيون
پر ڪجھ نه ڪيون
خاموش رھون
من ئي من ۾
رچنا كان اڳ واري اسٿتيءَ جو
اظھار جي مڃتاجيءَ كان آجي اَ - رچنا جو
(ڪروچي جي ايڪسپريشنزم جي ڇاپا ۾)
گونگي جي ڳڙ جھڙو
شڌ ويدانتي
آنند ماڻيون.
اڄ نه نواڻ جي رچناتمڪ شڪتين ۾
ڪجھ نه ڪيون
ڪجھ نه لکون
ماٺ رھون.
(٧٢-٣-٣)

نشت ٿي وهندي ....
وهاس !
هي راڄ، هي تاج
ٻوڙ، ناهي
هڪ اڪنڊ الياڙ آهي
مان هڪ نشت ٿيل، پٺ - پرشمت
اندي پکڙ جو نائڪ، ٻوڙي اندو
ايندڙ پگن جي رهبريءَ لئه
وڏي واڪي
اڄ اهو سوڪارهان ٿو ....

(٧٢-٣-١٣)

١٤- هڪ زندگي سچائي

زندگيءَ جو هي
ٻه - پهري - ڪان - پوءِ وارو سمو
ڪيترو نه آهي
ڇڙ - ڏيارهندڙ - اڻکهڙ - پرلو!
هڪ پٽي ڪي ڏسون ٿا،
پر ڪهڙيءَ نه اڃاريءَ نهار سان!
هڪ پٽي ڪي ڇهون ٿا،
پر نپٽسڪ ڇهاءُ سان!
هڪ پٽي سان لڳون ٿا،
ڪيتريءَ نه برف - جهڙيءَ ٿڌائيءَ سان!

چمڪ چاڙهي
واسنا جي ڏاڪڻ تي
چڙهندو لهندو رهيس....
گانڌاري ٿي چيو
ڪيترن ئي آڇائن پوئين ۾
آناڙي ڪسان جيان
ٻج ڇٽيندو رهيس
جيڪي سولن آناچاري اتياچاري
وولڪ - هيڻن، ڪروپلا، گستاخ،
هئي سلا پيدا ٿي
مهاپاپ جي رت ۾
ڪام ڪرنتين جيان
پروان ٿي وڃن!
جڏهن ٻه، ڄڻي ۽
پيدا ٿيندس
مان ڌرتراشٽر
اهو راشٽر
ڦلندو ڦولندو ضرور
پر وش - ورڪش جيان
جنهن جي ڇايا ۾
هڪ پل لاءِ ٿي ساهه کڻي
سڄي سرشٽي

١٥- زندگيءَ جي موت تي

پڙوسي:

ڏرڪي ڪشتيءَ ۾ ٻيهون هٽي هٽي
ڪيڙيءَ جا ڪٽا فولادي
ٻوٽلي مون سان ڇيڙي ڇيڙي
آخر
زندگي گذر ڪري وئي!

هلو دوستو
مون نه پاتي اڄون...
ٽو.... ٽُر.... ٽو.... اوه!
اسان نه سماسي ڳوڙها ڳاڙيندڙ
پيشور سياپو ڪندڙ آهيون
ٽهڪڙون ٻيڻي ٽڪ نه ڪريون-
ڪوئي اسان کي پيشيمت ڪندو نه سهي؟
(٧٢-٥-١٧)

١٦- هڪ ودوان کي جواب

ٽون ٿو چوين:
مان اٽرو اونڇو ٿو اُڏامان
جو ڪوئي مون تائين پهچي ئي نه ٿو سگهي!
ٻاون ائين نه ٿو چوان:
مان اٽري اونهي ٽٻي ٿو هڻان
جو ڪنهن جي مون تائين پهچ ممڪن ئي ڪانهي!

جڏ نه اسان ٻئي
ٻه نه رهي
هڪ ٿي ويا آهيون،
هڪ ٻئي جي لذت کان
وانجهجي ويا آهيون!
جيئون جي هن
بيوس سمي کي،
ٻڌاءِ ڪيئن ڏکيون؟
اڄ نه هڪ ٽئين ”ماڻهو“
جي ڪلپنا ڪرئون
جنهن کي ڪڏهن مان پوڄيان
جو ڪڏهن توکي پوڄي
۽ پوءِ
هڪ ٻئي جي اڳيان آهي
نه - ڪهل پاپ
گنديءَ پاشا ۾
سوڪارئون
۽ ان طرح
ٿڌيءَ سگهيءَ ۾
پسيل ڪوئلن کي
پچارئون،
ٻارئون
۽
همت سهڪيون ....

(۷۲-۵-۱۷)

١٧- ايڪتا

مرده - گهر ۾
هڪ سِرِ تي سمهيل
هڪ لاش
اوچتو
مٿان پيل ڪپڙو هٽائي
اٿي ويٺو
پاڻ ڪرڻ جي پوز ۾ - پاڻ ڪرڻ -
ٻيارا لاشو،
اسين
نام - هيڻ
گڻ - هيڻ
ڪرم - هيڻ
ڌرم - هيڻ
سنبنڌ - هيڻ
سنسڪار - وڪار - هيڻ
سڃاڻپ جي انتظار ۾
سدا ليٽيل
ڪيترا نه مهان آهيون.
سڄي دنيا
هٿيا ڪٽي
جنهن "ايڪتا"

نقاد توکي خبر ڏنا ڪن:

تون پيمر جو اُڇليل هاڻي آهين
يا ڪو اسپيس راڪيٽ؟
تون مگرمچ آهين
يا سمونڊن "غازي"؟

پر مان صرف ايترو ٿو چوان:
تون اڄ جي زندگيءَ کان ڪٽيل آهين!

مون ڏانهن
ميٽلڪ ۽ اسٽيل هارڊ
نگاهن سان نه نهار

ان سڀ کي
اونهو آڏي پيءُ
يا اونهون ڀڏي پيءُ
مگر پيءُ -
توکي پيٽو ٿي پوندو
اهو زهر -
ڇو ته تون اڄ جي زندگيءَ کان ڪٽيل آهين.
ان لاءِ زندگيءَ جو هرڪو شيدائي
توکي نظر انداز ڪندو رهندو
۽ تون پل پيو دل ۾ سوچ نه:
تون هنن کان نظر بچائي
پلاءُ کائي رهيو آهين....

(٧٢-٥-١٧)

ٽاڪ - ٽنا - ٽن لي
اهي ڳالها
۽
اشارن سان
سمجهايا ويندا
نه ڳراهڪ
(ڪمرن ۾ ڳالل ڪڍهن اشت "شبد" جيان)
پوڄ، پاٺ لئه
خوب خوب
بيقرار ٿيندا
۽
انهن دوهن، ڪوئن، سوئين ۽ غزلن
سان گڏ
چوندي چوندي
ڪجهه نيون ڪوائون ۽
ان رمٽيءَ نڪر وٽوءَ ڪي
ڏٺي اچون -
الڏاري ۽
اهي اسٽمپولمت ڊائلاگس
جو ڪم ڏيندائون
جڏهن
داري ڏاري

جي تلاش ۾
هيڙاڏو طرح
منجهيل آهي
اسان کي ڪٿي نہ اها
ٻاڻ - مرادون ڏني آهي
اسان جي لاشيت ....
چپ چاپ ليٽي پئو
ٻڪ ٻڪ بند ڪر
ڪٿي لاشيت جي ذهنيت ۾،
تنهنجي ان گڏ گڏ ٿيل
فري ٿنڪنگ جي جراثيم سان
ڪوڙهي نہ ٿي وڃي ....
هن لاش گهر کي
پاڳل خانو نہ نہ ٺاءِ ....

(٧٢-٥-١٨)

Stimutant -١٨

هل نہ ڪنهن
ناچڻي ونشيا کي، داغ جا غزل
گهڻالند ٻدماڪر آد آد جا ڪوس ۽ سڙنيا
ٻهاريءَ جا دوها
چونڊي چونڊي ڏيئي اچون -
جڏهن طبلي جي

انفرنس: (انومان جي انوسار) "ايس" آهي:

۱- سيڪس
۲- دماغي عياش
۳- ڪن ڪامپليڪسز جو روڳي
۴- اڻ پورت واسنا جو شڪار
۵- مشهوريءَ جو بکيو
۶- جلد باز (ان ڪري اڪثر غلط نتيجن تي پهچندڙ)
۷- نظر انداز ٿيل
۸- فرسٽريٽيڊ
۹- ڀرمي
۱۰- بروڪن هوم ۾ پليل
۱۱- ايراٽڪ ڀاونائون رکندڙ
۱۲- ڪم - همت: هيٺو
۱۳- مارون ڪاٺل
۱۴- روهنجفل
۱۵- فيبل مائينڊيڊ (گهٽ I.Q. رکندڙ)

سجيشنس: "ايس" کي آئوٽ ليٽ کپي-
ان لاءِ هيٺين ميدانن تي بڪي-

۱- سياست: (ان ۾ نيتاگيري، داداگيري، آناگيري، ٽولشيبازي، رولشيبازي مطلب ته سفڪس ۾ "گيري" ۽ "بازي" لڳل هر قسم جا لفظ/ فعل/ اسم شامل آهن.)

ٿس ٿس ڪندي
مٽر سؤپيءَ جيان
کن ۾ سوڪايون ويندئون.
سچ آهي:
غزل، گيت، ڪوتا، سونٽا
جي طبلي تي وڄن ٿا
ته نيون ڪوتائون
وڄن ٿيون
جسم تي....

(٧٣-٥-٢٢)

١٩- هڪ من- ڇنڊ

شروعات: (اوچتو ريڊيو ڪولاڪ تي آواز)
.... ۽ هڪ رات مون هندو
ڪم لاهي ڇڏيو....
(ڇڙ ۾ ريڊيو بند ڪري)

رد عمل: ١- ريڊيو جي فاحش زبان خلاف
درخواستون
٢- رائيءَ مان پربت ٺاهي پرچار

سمجهاڻي	اهو جملو مجرم جو جواب هو،
ريڊيو جي	جج جي ان سوال تي: چا تو هن جو خون ڪيو؟

رد عمل: خاموشي!
مڪمل خاموشي!!

ٻهه ڏون
۽ ٻرندي لڱل ڪُڙڪڻ ۾
جيئي ٿي.
(سونڌڙ سڀه، ڪان ٻچڙو)
ماڻهو؟
ڪڏهن جيئڻ وانگر
ڪٿي رهڻ کان
رڙهندا رڙهندا
هڪ ٻئي جي ٻرن ۾
ليٽيا پائن ٿا،
۽ اندر گهڙي
ٻه ليمڻ ۽ ٻه فعل لاهه
ڪوشيتا ۽ سٽتا ۾ لپٽيل
اوسر ڳولهن ٿا ....

شڪن ۽ ٻڻن ۾ ٻڌل
هي ورهايل ٽڪرا جيون
ڇا ٿي سگهندو
گهاس
ٻرٽي گهاس
ڪالسواه ؟

(۷۲-۵-۲۳)

٢- تنقيد: (ان ۾ ٽالي لڳل پڙ پٽ - پڳل
هر قسم جا قيد شامل آهن.)
(٧٢-٥-٢٢)

٢٠- ڀاوڪتا جو انت: اڏگهوڙيل سچ

جتي ٻه، جڏهن ٻه،
مان ڪا ديوار کڻندو ڏسان ٿو
ڏکي ٿيان ٿو:
هاءِ هڪ شيءِ ٻن حصن ۾
تقسيم ٿي وڃي !
ڪيترو نہ جذباتي نادان هو آهو
جڏهن پنهنجي جهالت
سادگيءَ سان ڀاونا جي
ٻليٽ تي رکي
اسان کي سرو ڪئي....!
وشال برهمانڊ کان وٺي
پنهنجي ننڍڙي مسواڙي گهر تائين
تقسيم - در - تقسيم جو
هڪ اڻٽٽ سلسلو
جي ناهي
تہ ڇاهي ؟
انسانيت ؟
ديوارن جي خانن ۾ قيد

ماڻ: شرمائيندي.
ڀڳوان: توهان ڪهڪشان وانگر ٿي
پاڻيءَ ۾ پياس جي وچ ۾
هڪ لڪ هوندئين
پر خود پياسي، سڪل، ٽوٽل....
ماڻ: او چشم.
ڀڳوان: توهان سڀئي سنسار کي اطلس ۽ ڪمخواب
پهرائڻ جي تمنا رکندئين
گرچ خود ڦاٽل ڪپڙن ۾ پيو رلندئين.
ماڻ: وڏا پاڳ.
ڀڳوان: وڏا پاڳ؟ عجب!
ماڻ: گهٽ ۾ گهٽ
ماڻ سوچ ۾ ترڪ ۾ نه ورهايل
هڪ لڀو دنيا جو
هڪ خدا نه پڄندس -
تو وانگر نه نه....
(٧٢-٥-٢٣)

٢٢- ترودي گهڙيال

غمگين، فڪرمند
ابتي ٽڪندي
چوري جهان
ٽاريءَ ۾
لٽڪيل

۲۱- ڀڳوان سان هڪ ڊائلاگ

ڀڳوان: ... سو، تون جنم - جنمانترن جي چڪر مان ڇٽل
هڪ مڪت جيوُ آهين،
وئڪنٺ ۾ تنهنجي لاءِ هڪ سيٽ
رزرو آهي،
وٺ هيءَ سليپ....

مان: مون کي نه مڪتي کپي، نه وئڪنٺ، نه سليپ

ڀڳوان: ته توکي ڇا کپي؟

مان: جنمن جا چڪر

ڀڳوان: ڇو؟

مان: ڇو ته مڪتي سوارٿي گهرندا آهن
۽ وئڪنٺ آلسي،
مان ڪنگرن وانگر ٿوري ٿوري
پياسي ڌرتيءَ جي
سڪل ڪنٺ ۾
ٽول جيون جا ٻه چار ڍُڪ
وجهڻ ٿو چاهيان.

ڀڳوان: تٿاستو....

مان: ڪرپا.

ڀڳوان: هڪ ايمشاپ ۾

مان: ڪارڻ؟

ڀڳوان: منهنجي اسٽيبلشب سسٽم کي
چئلينج ڪرڻ.

۲۳- اسان

سنسڪار- ڌرم، اسان....
زندگيءَ جي ڪڙڪن لئي
اڱڻن جا طاق چڙهيا پيا آهن،
دروازن لئي ڪڙا لڳل آهن
خوفن جا هراسن جا.
تازيءَ هوا جو گذر
خوشبوئن جو سفر
ڪنهن طرف کان به ممڪن ناهي.

دوستو،
دنيا کي ٽڪڻ نه ڏنو ناهي
پر ڪشٽائين پنهنجو پاڻ ٽڪيون
اڃ نه قبول ڪيون:

اسان سنسڪارن جا ڪنهن اوپٽال
اتهاسڪ ممون آهيون
ديول
عاليشان پرامڊن ۾
ٻاهر نڪري نه ٿا هلي چلي سگهندا،
لاش،
صدين پراڻا لاش؟!
(۷۲-۷-۱۶)

گھڙيال
پنھنجي گھڙياليت
انيڪ روپ ٻٽن ۾
تقسيم ڪري
ڏنڊن
مٽيل سٽيل انگن
ڏنگن
ڪنڊن
اُلجھيل ڪانٽن
گرگٽي ھڪ گرائونڊ سان
ھڪ
ٻوڙي
ٽڪوٽي
ٽرشڪوپي فڪر
لڳي رھيو آھي....
اھڙو
گھڙيالو
اسان کي کھڙي
ڀوشيہ جو
وشواس ڏياريندو؟

(٧٢-٥-٢٦)

ڄمڄمورِي ٿو
ڪاٺ ھڻي ٿو
گھاٽ ڪري ٿو.
ڇو نہ اسين ڪليءَ ھوا ۾ نڪرون
آسٽوش جي
؟
سچائيءَ سان ٻھرون ٻاھر ڪي
ٻڌرو ڪرون
ٻڌرائيءَ وانگر.

(۷۲-۱۱-۱)

۳۶- ترشُول

من = جڳت جو ڪلياڻي
وچن = ھوا جي رخ تي
ٻئي بدلجندڙ
ڪرم = ماحول ۽ ضرورت
۽ ڏھاڪ جو محتاج
ان ترشول جي
ھرھڪ نوڪ
شُول جيان چڀي رھي آھي
انسان آتم - ٻڌي ۾
ٻھڙجي ٻھڙجي
نڪي رھيو آھي

۲۴- امتحان ۾

زندگيءَ جي امتحان ۾
ڏماءَ، مونجهه، شڪ، انتظاريءَ سان
ڀريل هوندي به
ڪيڏا واجهه وجهون ٿا
اهڙي هڪ پل کي سرڪائي
چورائي وجهڻ لاءِ
جڏهن
هو چڙڪس نگاهه کي دوکو ڏيئي
ڪجهه نقل ڪري وٺون
ڪجهه پنهنجو پاڻ ڪري وٺون
هڪ ڪهڙيءَ روايت کي
ڪجهه اڳيرو ڪري وٺون!
(۷۲-۱۰-۱۸)

۲۵- هڪ ٻي رائي

سنتوش جي غفا ۾
آرٿيءَ جي ڪشت جو
بن - مانس رهندو
جيڪو پل - پل
سيتا کي
چڪ پائي ٿو
رهنبون ڪري ٿو

ته ڇا ڪيو سي ؟
مٿر !
اڄ ته دور دور جا
اڻڳڻت پٿر مهڙاون
نوڪيلا، تکا، وزني
انهن سان سر ماراون
مٿو هٽون
ته ذرا ڀانسي اوباسين ٽان
پنهنجي جند ڇٽي !
(۷۲-۱۱-۱۵)

۲۸- پشچاتاپ جي رات: وڀيشڻ

خاڪ ۾ مليل
سوني لنڪا جي
هڪ ڪنڊهري محل ۾
ڪنڊن جهان ڇپنڊ
رشمي ۽ اطلسي گديلن تي
پاسا بدليندي بدليندي
راوڻ - انڄ
وڀيشڻ
اندڪار جي پرتن
ڪان پرشان ٿي

جيئن ٿئي اڄ جيان
وهي رهيو آهي.

(١-١١-٧٢)

٢٧- نَوَن پٿرن جي تلاش

خيالي ڪروسيبس جو شڪار
ٿي ٽي ڪري
تصور جي صليب تي
لٽڪي لٽڪي
زندگي
سڪي وئي آ جهولڻ
روايتي پينگهن ۾.
بدلجندڙ دنيا ۾
درد ۽ رنج نه بدلبا ٿا وڃن
نون دردن تي ان مهر جي نظر ڪا ڪريون
نوان اظهار ڏيون
نوان موڙ ڏيون
نتيجن لهبل تي ئي ڪئن سنتوش ڪريون
۽ نه خوش فهمي ۾ مبتلا ٿي وڃون.
دائري مان ٻاهر جهڙا پٿر ڪٽي
انهن سان درد جون ڏوريون ٻڌي
مجبورين ۽ زنجيرن جي ٿاه
لهڻ چاهيون

هن جي ٻچڙا ۽ ها
۽ هنن جا سهارا ٻه!

مان رام - ڀڳت ۽ پيشڪ
لنڪا ڏي ڪرس ڏي
ڏو مڪيتو پيشڪ.
